مسفله جو مجاهد

حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه
دور خلافت سن 11هه کان سن 13 هه
يه سال چار مهينا 632ع کان 634ع

ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو
ٺاڳڙائي
dr.mustafakalhoro@gmail.com

رپڙي ادبي اڪيڊمي سنڌ،
ڪراچي

ripriadabiacademy@gmail.com

مسفله جو مجاهد
حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه

ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو ٺاڳڙائي
RIPRI ADABI ACADEMY
Sindh KARACHI, SINDH.

چپائيندڙ:
منظور حسين عباسي
چيئرمين
عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ
(ڪراچي زون)

ڪمپوزنگ : عبدالرحمان لُنڊ
ٽائيٽل ڊزائين: مجاهد ميمڻ

پيسٽنگ : قمرالزمان گهانگهرو

چپيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي، سچل گوٺ ڪراچي Cell # 03462103811

مُلهه: **25**رپيا



ابوبڪر سندن نالو ڪونهي، پر لقب هو. ”بڪر“ عربيءَ ٻوليءَ ۾ اُٺ کي سڏيندا آهن، جيئن ته پاڻ صاحبن کي اُٺن جي پرورش، نظرداري، نسل سڃاڻڻ ۽ ڪين ڏيان سان پالڻ تاتڙ جي ڪم سان خاص دلچسپي هوندي هئي ۽ اُٺن جي علاج وغيره ۾ به ڪين وڏي دسترس هئي، تنهن ڪري قريش ۾ سندن لقب ”ابوبڪر“ مشهور ٿي ويو ۽ انهيءَ لقب سان سڏجڻ لڳا. پاڻ صاحبن جي پيءُ ماءُ کي ٻار ڪونه بچندو هو، تنهن ڪري هنن ڪعبي ۾ وڃي باس باسي ته جيڪڏهن اسان کي پٽ ڄائو ۽ جيئرو رهيو ته ان جو نالو عبدالڪعبه (ڪعبي جو ٻانهو) رکنداسين. خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو انهيءَ پيري هنن کي پٽ ڄائو ۽ جيئرو به رهيو، اِنهيءَ ڪري اُن جو نالو ”عبدالڪعبه“ رکيائون.

اهو ئي ٻار هو، جو اڳتي هلي عبدالڪعبه مان عبدالله ۽ پوءِ صديق اڪبر بڻيو.

رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن پاڻ صاحبن جو نالو عبدالڪعبه مان بدلائي عبدالله رکيو، انهيءَ لاءِ ته انسان، الله تعاليٰ ڪانسواءِ بندن جي نسبت، ڪنهن ٻئي هنڌ، شخصيت ۽ شيءِ سان نٿو رکي سگهي. حضرت ابوبڪر جوان ٿيو ته ”عتيق“ به سڏجڻ لڳو. ”عتيق“ جي معنيٰ آهي، آزاد ٿيل غلام، ڇاڪاڻ ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي پيءُ ماءُ جي عقيدي موجب ڪيس موت کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيو هو.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهعنه کي الله تعاليٰ گهڻو ئي ڪجهه ڏنو هو. هو هڪ مالدار تاجر هو ۽ مڪي ۾ وڏي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي نبوت جي ظهور کان اڳ ئي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهکي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي دوستي ۽ سنگت جي سعادت نصيب هئي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نبي مقرر ٿيڻ کان پوءِ پاڻ اسلام قبول ڪيائون؟ انهيءَ باري ۾ جيتوڻيڪ مورخن جو پاڻ ۾ اختلاف آهي پر اهو اخلاف هن ريت دور ٿي سگهي ٿو ته بالغ آزاد مردن ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه، ننڍي عمر وارن ۾ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه، غلامن ۾ حضرت زيد رضي الله تعاليٰ عنه۽ عورتن ۾ حضرت بيبي خديجه رضي الله تعاليٰ عنهسڀ کان پهرين ايمان آندو.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهمسلمان ٿيڻ کانپوءِ اسلام جو جوشيلو مبلغ بڻجي پيو. رات ڏينهن انهيءَ فڪر ۾ گذارڻ لڳو ته ”مون کي جيڪا ايمان ۽ اسلام جي روشني ۾ نصيب ٿي آهي، تنهن مان ٻيا به فيض حاصل ڪن.“ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنهسندس ئي ڪوشش سان اسلام قبول ڪيو. حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنهسندس ئي ڪوشش سان اسلام قبول ڪيو. حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنهجو مؤذن ۽ عاشق رسول جي لقب سان مشهور آهي، تنهن کي به حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهئي سندس بي رحم ۽ ظالم مالڪ وٽان خريد ڪري آزاد ڪيو هو، اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن کي به حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهآزاد ڪرايو، جن ۾ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهجي ڪنيز به شامل آهي. اسلام جو اعلان ٻڌندي ئي ظاهر ظهور حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو دوست ۽ حامي ٿي بيٺو. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجن انهيءَ خطرناڪ زماني ۾ نه رڳو دل و جان سان حضور صلي الله عليه وآله وسلمجن جا ساٿي رهيا، پر الله جي دين لاءِ پاڻ به طرح طرح جون سختيون برداشت ڪيائون.

جڏهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن معراج تي ويا ۽ ماڻهن ۾ اهو واقعو بيان فرمايائون تڏهن ڪافرن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهکي چيو ته ”توهان جو نبي ته هينئر عجيب ڳالهيون ٿو ڪري. چوي ٿو ته: ”آئون هڪڙي ئي رات جي اندر آسمانن جو سير ڪري مڪي واپس موٽي آيو آهيان.“ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهحيران ٿي پڇيو ته ”ڇا، توهان کي اهي ڳالهيون رسول صلي الله عليه وآله وسلم پاڻ ٻڌايون آهن؟“ هنن جواب ڏنو ته: ”هائو، هائو! هن پاڻ چيون آهن.“ انهي تي حضرت

ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهبي اختيار چئي ڏنو ته: ”جيڪڏهن حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن پاڻ ائين فرمايو آهي ته بالڪل سچ فرمايو آهي ۽ مان ان جي تصديق ڪريان ٿو.“ بس! انهيءَ ڏينهن کان وٺي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو لقب ”صديق“ مشهور ٿي ويو.

مڪي جي ڪافرن جي ظلم کان تنگ ٿي تمام گهڻا اصحابي مڪي مان هجرت ڪري هليا ويا. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهبه حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کان هجرت جي اجازت گهري، جنهن تي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته ”ابوبڪر! تڪڙ نه ڪر. شايد انهيءَ سفر جي لاءِ توکي ڪو سنو ساٿي ملي وڃي.“

مڪي جي سرزمين کي دين جي فصل لاءِ ويران ڏسي الله تعاليٰ جي حڪم سان رسول الله صلي الله عليه وآله وسلمجن جڏهن هجرت جو ارادو فرمايو، تڏهن پهريائين حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي گهر آيا ۽ فرمايائون ته ”هجرت جي تياري ڪر.“ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ هجرت جي سفر جي انتظام ۽ تياريءَ جي سعادت حضورت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي گهراڻي کي ئي نصيب ڪئي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهڪيترا مهينا اڳ ٻن ڏاچين کي ٻير جا ساوا ۽ نرم پلڙا کارائي ٿلهو ۽ متارو ڪري ڇڏيو هو، جيڪي انهيءَ پاڪ مسافريءَ ۾ ڪم آيون. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجن ٽن ڏينهن کان ٿورجي غار ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن سان گڏ رهيا. سندن آزاد ڪيل غلام عامر رضي الله تعاليٰ عنهرات جي اوندهه ۾ ٻڪريون وٺي ٿور غار ۾ ايندو هو ۽ اهڙي طرح رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ٽن ڏينهن تائين ٻڪرين جي ڪير تي گذارو ڪيو. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهانهيءَ سفر ۾ پنهنجي سموري موڙي ساڻ ڪنئي هئي. انهيءَ لاءِ متان رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڪا ضرورت نه درپيش اچي. اهو سفر هڪ وڏي خطري وارو ۽ جان کي جوکي ۾ وجهندڙ سفر هو. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو والد نابينا هو. جڏهن ان کي اها خبر پئي ته سندس پٽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنههجرت ڪري ويو، تڏهن پنهنجين پوٽين کي چيائين ته ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهسڄو مال ۽ اسباب ساڻ ڪٽي ويو هوندو ۽ اسان لاءِ ڪجهه نه ڇڏيو هوندائين؟ انهيءَ تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي صاحبزادي اسماءَ رضي الله تعاليٰ عنهپنهنجي ڏاڏي کي اُنهي جڳهه تي آڻي بيهاريو، جتي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهپنهنجو مال رکندو هو، اُتي درهمن ۽ دينارن جي جڳهه تي ٻٽي پٿر رکي، پنهنجي ڏاڏي کي چيائين ته ”اوهان پاڻ ڇُهي ڏسو، بابو اسان لاءِ گهڻو ڪجهه ڇڏي ويو آهي.“ سبحان الله! ڇا رسول الله جي محبت ۽ ڇا ديني اخلاص! اولاد جي نگهباني الله تعاليٰ جي حوالي ڪيائين.

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ زماني ۾ ڪافرن سان جيڪي لڙايون ٿيون، حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهتن سيني ۾ شريڪ رهيو ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي فرمانبرداري، سنگت ۽ محبت جو ثبوت ڏنائين. بدر جي لڙائي ۾ ته ائين ٿيو ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهمسلمانن جي فوج ۾ شامل هو ۽ ڪافرن جي طرفان سندس پٽ جو اڃا تائين مسلمان نه ٿيو هو، سو وڙهي رهيو هو، انهيءَ واقعي ڪانپوءِ جڏهن اهو نوجوان مسلمان ٿيو، تڏهن چوڻ لڳو ته: ”بابا سائين! بدر جي لڙائي ۾ اوهان ٻه ٽي پيرا منهنجي ترار جي وار هيٺان اچي ويا هئا پر مون ترار جهلي ورتي، ڇاڪاڻ ته اوهان منهنجا پيءُ آهيو.“ انهيءَ تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهفرمايو: ”خدا جو قسم! جيڪڏهن تون منهنجي ترار جي هيٺان هڪڙو پيرو اچين ها ته مان توکي قتل ڪرڻ کان هرگز نه مُڙان ها.“ اهو اسلام ۽ ايمان جو اُهو اونهو نقش ۽ رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي صحبت جو فيض، جو خدا جي هر دشمن کي پنهنجو ذاتي دشمن سمجهيائون ٿي، پوءِ اهو پنهنجو اولاد ئي ڇو نه هجي، سچ پچ ته آهي به ائين ته اسلام جي رشتن اڳيان ٻيا سڀ رشتا ڪجهه به ڪينهن.

بيبي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنهحضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي پياري ڌيءَ ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ بيبين منجهان هئي. هن جو نڪاح ننڍي عمر ۾ ئي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم سان ٿيو هو. اهو واقعو مڪي جو آهي ۽ هجرت ڪان پوءِ مديني ۾ اچي بيبي سڳوري گهوٽيتي گهر ويئي، بيبي سڳوريءَ کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن تمام گهڻو پيار ڪندا هئا، خدا جي خوف، رسول الله جي محبت، عبادت ۽ پاڪائيءَ ڪانسواءِ علم ۽ فضيلت جي لحاظ سان هن بيبي سڳوريءَ جو درجو تمام بلند آهي.

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي بيماريءَ جي وقت ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي حڪم موجب حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهنماز جي امامت فرمائي. بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنهجي حُجري ۾ جڏهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن وفات ڪئي، تڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهاُتي پهچي منهن مبارڪ تان چادر هٽائي ۽ رخسار مبارڪ کي بوسو ڏئي چيو ته:

”ڪهڙي نه برڪت پريل هئي اوهان جي زندگي ۽ ڪيڏو نه پاڪ آهي اوهان جو موت!“

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات مسلمانن ۾ جيڪا بيقراري ۽ پريشاني پيدا ڪئي، تنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. هڪ وڏي عالمگير هستي، هڪ مرڪزي نشان، هڪ هادي ۽ هڪ خدا جي پيغام پهچائيندڙ يعني هڪ مڪمل سايي ڪان محروم ٿيڻ کو معمولي حادثو نه هو، انهيءَ خلا کي پوري ڪرڻ جي لاءِ رڳو اهو ماڻهو ئي پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري سگهيو ٿي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد ۽ نصب العين حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي عشق ۽ خدا جي حڪمن جي لاءِ وقف ڪيو هجي. هي هڪ زبردست امتحان جو وقت هو ۽ اهڙي پريشاني ۽ جذبات ۽ اثر جي سختيءَ جا ڏاڍا خطرناڪ ۽ اڳرا نتيجا نڪري سگهيا ٿي، پر اهڙي نازڪ موقعي تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنههمت ڏني. هن حالتن جي نزاڪت جي اندازي لڳائڻ ڪان پوءِ مسجد نبوي جي منبر تي چڙهي وڃي فرمايو:

”اي انسانو! جيڪو ماڻهو محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي پوڄيندو هو، تنهن کي معلوم هئڻ گهرجي ته محمد صلي الله عليه وآله وسلم ته فوت ٿي ويو، پر جيڪو ماڻهو الله جي عبادت ڪري ٿو ته اهو يقين ڄاڻي ته الله زنده آهي ۽ اُن کي ڪڏهن به موت اچي نٿو سگهي.“

تنهن ڪانپوءِ قرآن مجيد جي هيءَ آيت تلاوت ڪيائون:

مفهوم: ”محمد صلي الله عليه وآله وسلم الله جو رسول آهي ۽ ان کان اڳ به رسول اچي چڪا آهن، جيڪڏهن محمد صلي الله عليه وآله وسلم فوت ٿي وڃي يا ڪيس شهيد ڪيو وڃي ته ڇا توهان پنهنجي ڪُڙن تي بيهي (ڪفر ڏانهن) ڦري ويندا؟ ۽ جيڪو ماڻهو ڪڙن تي بيهي ڦري وڃي ٿو، سو الله تعاليٰ کي تر جيترو به نقصان پهچائي نٿو سگهي ۽ ويجهڙائي ۾ الله تعاليٰ پنهنجي شڪر ڪندڙ ٻانهن کي نيڪ بدلو ڏيندو.“

انهيءَ تقرير ڪان پوءِ ماحول ۾ سڪون پيدا ٿيو. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهته ائين محسوس ڪيو، جيئن قرآن جي اها آيت اڄ نازل ٿي آهي ۽ اُن جو مفهوم سندس سمجهه ۾ هينئر آيو آهي.“

ملت، امير ڪان سواءِ ڪيئن رهي سگهي ٿي، وري اهو به انديشو هو ته ڪٿي متان منافقن کي وڳوڙ ۽ فساد جو موقعو نه ملي وڃي! انهيءَ ڪان اڳ جو صورتحال ۾ ڪا تلخي يا خرابي پيدا ٿئي ۽ ڇڪتاڻ تائين معاملو وڃي پهچي، حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهين ٽن اصحابن سان صلاح مشوري ڪان پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي خلافت جو اعلان ڪيو. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي خلافت جي جوابداري ۽ ملت جي اميريءَ جو هڪ وڏو بار! اِها حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي

ئي ايماني همت هئي، جو ايڏو بار پنهنجي ڪُلهن تي کنيائون. خلافت جي اعلان ٿيندي ئي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهمسلمانن کي ڪَنڌ ڪيو ۽ خطبو ڏنو. الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا کان پوءِ فرمايائون:

”اي انسانو! مون کي توهان جو حاڪم بڻايو ويو آهي پر مان توهان کان بهتر نه آهيان، جيڪڏهن مان نيڪ ڪم ڪريان ته ان ۾ منهنجي مدد ڪجو ۽ برو ڪم ڪريان ته مون کي جهلجو. سچائي امانت آهي ۽ ڪوڙ خيانت توهان جو ڪمزور ماڻهو منهنجي نزديڪ مضبوط آهي، جيستائين مان ان جو حق نه ڏياريان ۽ توهان جو مضبوط منهنجي اڳيان ڪمزور آهي جيستائين ان کان اهو حق نه وٺان جيڪو ان جي ذمي آهي، جا قوم الله جي راهه ۾ جهاد ڇڏي ٿي ڏئي، تنهن تي الله تعاليٰ ذلت ۽ خواري غالب ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن قوم ۾ بي حيائي پکڙجي ٿي وڃي ته الله تعاليٰ ان تي مصيبتون ۽ عذاب عام ڪري ٿو ڇڏي. توهان تيستائين منهنجي فرمانبرداري ڪريو، جيستائين مان الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪريان پر جيڪڏهن مون کان اهڙو ڪم ٿي پوي، جنهن منجهان الله ۽ رسول جي نافرماني جو پَهلُو نڪرندو هجي ته توهان تي منهنجي فرمانبرداري واجب نه آهي. الله تعاليٰ توهان تي رحم فرمائي.“

هيءُ نبوت جي درسگاهه جي تعليم ۽ تربيت ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي صحبت جي فيض جو اثر هو جو انهيءَ مختصر خطبي ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهاهي جامع اصول بيان فرمايا آهن، جيڪي حڪومت جو بنياد آهن ۽ چوڏهن سون سالن ڪانپوءِ به انهيءَ اصول جي تازي هئڻ ۾ تِرَ جيتري گهٽتائي پيدا نه ٿي آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو اهو خطبو حقيقت ۾ حڪومت هلائڻ جو هڪ ”مقدس منشور“ ۽ هر دور جي حڪومتن جي لاءِ ”هدايت جو صحيفو“ آهي.

رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات جي خبر عرب قبيلن ۾ جهنگ جي باهه وانگر پکڙجي وئي ۽ اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ اسلام لاءِ بغض ۽ ڪدورت موجود هئي، تن جو نفاق وري ٻيهر اڀري ويو.

هڪ طرف منافقن جا فتنا ۽ ٻئي طرف ڪن قبيلن جو اسلام ترڪ ڪري مرتد بنجڻ. اسلام جا دشمن، ماڻهن ۾ اهڙي قسم جا افواهه پکيڙڻ لڳا ته ”اسلام محمد بن عبدالله جي د م سان قائم هو. جڏهن اهو دنيا ۾ نه رهيو ته اسلام ويچارو ڇا رهندو!“ يهودين ۽ نصرانين انهيءَ موقعي منجهان پورو پورو فائدو ورتو ۽ انهيءَ فتني کي خوب اڀاريائون. اهو ڏاڍو نازڪ وقت هو ۽ ائين ٿي محسوس ٿيو ته خدانخواسته اسلام جو اِجهو ٿو خاتمو ٿئي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهاهڙين نازڪ حالتن ۾ جنهن ايمان جي استقامت ۽ معرفت جي سياڻپ ۽ حڪمت جو ثبوت ڏنو آهي، تنهن جي جيتري به تعريف ڪجي، اوتري گهٽ آهي، پاڻ صاحبن ماڻهن کي ڪَنڌ ڪري خطبو ارشاد فرمايائون:

”رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات جي ڪري اسلام جي طاقت ۾ ڪابه گهٽتائي آيل ڪانهي. انهيءَ باري ۾ جيڪي ماڻهو شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا هوندا، ٻڌتر جي واٽ اختيار ڪندا ۽ مرتد ٿيڻ جي باري ۾ سوچيندا مان انهن جون سسيون اڏائي ڇڏيندس. آئون يقين سان چوان ٿو ته اسلام دستور موجب قائم رهندو. ان ۾ ڪابه ڪمزوري پيدا ڪانه ٿيندي. ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي ارشاد موجب خلاف به توهان جي ئي حصي ۾ ايندي.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي انهيءَ عزم ۽ استقامت، صدق ۽ اخلاق ۽ ايماني جرات جي سببان جيڪي ماڻهو اسلام کان قطع تعقات ڪرڻ ۽ ڪائنس ڦري وڃڻ جي واٽ اختيار ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا هئا، سي رڪجي پيا ۽ مرتدن جي تعداد ۾ وڌيڪ اضافو نه ٿي سگهيو. ”ارتداد“ سان گڏوگڏ هڪ فتنو

”زڪوات نه ڏيڻ“ جو به ڪڙو ٿيو. بهانا ڳولينڊڙ ماڻهن انهيءَ ڳالهه جو سهارو ورتو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي زندگي ۾ ته زڪوات انهيءَ لاءِ ادا ڪبي هئي جو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم تي وحيءَ جو نزول ٿيندو هو ۽ نبيءَ جي حيثيت سان ئي پاڻ زڪوات وصول فرمائيندا هئا، پر سندن وفات کان پوءِ هينئر ڪنهن کي زڪوات وٺڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. ”اِرتداد“ ۽ ”منع زڪوات“ اهي ٻئي فتنا ئي ملت جي نظام کي چڙوچڙ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ گهڻ نه هئا ته وچان ٽيون فتنو نبوت جي ڪوڙي دعويدارن جو به ڪڙو ٿيو. اهي قبيلا جن زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، تن جو لاڙو انهن ڪوڙن نبين ڏانهن هيو. انهن فتنن سڄي عرب کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو، پر حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي استقامت ۾ ڪابه جنبش پيدا ڪانه ٿي، بلڪ انهيءَ مقابلي جي لاءِ سندن قدم اڳي کان به وڌيڪ مضبوطيءَ سان جمي ويا.

خدا پرستن ۽ حق شناس اِنسانن جي اها خوبي آهي ته مشڪلن، مصيبتن ۽ آزمائشن جي وقت سندن عزم ۽ ارادو اڃا به وڌيڪ مضبوط ٿي پوندو آهي. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن شام ڏانهن هڪ لشڪر روانو ڪرڻ فرمايو هو، جنهن جو سپهه سالار حضرت اُسامه رضي الله تعاليٰ عنهبن زيد رضي الله تعاليٰ عنههو. اهو لشڪر مديني مان روانو ٿي اتان ٿوري پري جرف نالي هنڌ وٽ ترسي پيو هو ۽ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بيماريءَ سببان اڳتي نه وڌي سگهيو، ايتري قدر جو حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن وفات ڪئي.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي لشڪر کي رواني ڪرڻ جو مسئلو هو. اصحابن صلاح ڏني ته ملڪ ۾ ارتداد ۽ بغاوت جا شعلا پڙڪي رهيا آهن، تنهن ڪري اهڙي حالت ۾ فوج جو ٻاهر موڪلڻ مناسب نه آهي، پهريائين گهر جي فتنن کي منهن ڏيڻ ضروري آهي.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهانهيءَ جي جواب ۾ فرمايو: ”مون کي ان ذات جو قسم آهي، جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن مديني ۾ ڪو هڪڙو ماڻهو به باقي نه رهيو ۽ مان اڪيلو رهجي ويس، پوءِ جيڪڏهن مون کي جهنگ جا جانور به ڪٽي وڃن تڏهن به مان رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي حڪم مطابق اُسامه رضي الله تعاليٰ عنهکي اِنهيءَ لڙائيءَ لاءِ ضرور موڪليندس.“

اِهو آهي عشق رسول جو جذبو ۽ اطاعت رسول جو جوش، جنهن حضرت ابوبڪررضي الله تعاليٰ عنهکي صديق بڻايو. حضرت اُسامه رضي الله تعاليٰ عنهجڏهن گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو، تڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهان سان گڏ پيرين پيادو هلڻ لڳو، جنهن تي حضرت اُسامه رضي الله تعاليٰ عنهچيو: ”يا ته اوهان به گهوڙي تي چڙهي وهو يا مون کي لهڻ جي اجازت ڏيو، نه ته مان گهوڙي تان لهي ٿو پوان.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجواب ڏنو ته: ”خدا جو قسم نه ته مان گهوڙي تي چڙهندس ۽ نه توکي هيٺ لهڻ ڏيندس. الله تعاليٰ جي راهه ۾ منهنجن پيرن کي به ته دز ۾ پرجڻ ڏي.“

تنهن کان پوءِ پاڻ لشڪر کي نصيحت فرمايائون: ”اي انسانو! بيهو، مان توهان کي ڏهه نصيحتون ڪريان ٿو، جن کي ياد رکجو. ڏسو! خيانت نه ڪجو، وعده خلافي نه ڪجو،(مقتولن) جا عضوا نه وڍجو، ننڍين ٻارن، پوڙهن ۽ عورتن کي قتل نه ڪجو، ڪجين جا وڻ نه ساڙجو، ميون سان پريل وڻ نه وڍجو، ٻڪري، ڳئون ۽ اُٺ کي ڪاڏي ڪارائڻ ڪانسواءِ ذبح نه ڪجو، توهان اهڙن ماڻهن وٽان به لنگهندا، جن گرجائن ۾ پاڻ کي عبادت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، توهان انهن کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجو، توهان جو انهن ماڻهن سان به واسطو رهندو، جيڪي توهان جي لاءِ ٿانون ۾ قسمن قسمن جا ڪاڏا ڪٽي ايندا، پر جڏهن

به ڪائڻ شروع ڪريو ته اڳ ۾ الله جو نالو ضرور وٺجو، توهان جو اهڙن ماڻهن سان ملڻ به ٿيندو، جن پنهنجي مٿي جو وڇون حصو ڪوڙائي ڇڏيو آهي پر ان جي آسپاس وارن جون لِٽون لٽڪن ٿيون، توهان انهن کي ترار سان ديڄارجو! وڃو: الله جو نالو وٺي سفر ڪريو، الله تعاليٰ توهان کي دشمنن جي نيزن ۽ وَبَا کان محفوظ رکي!“

اهي آهن جنگ جا اُهي سونهري اصول جيڪي دنيا جي لاءِ هر ميدان ۾ معيار ۽ نمونو بڻجي رهندا ۽ جن کي انسانيت جي لاءِ رحمت ڪري ليکيو ويندو. اسان مٿي چئي چڪا آهيون ته رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي وفات ڪانپوءِ ڪن قبيلن زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪيو، انهي باري ۾ گهڻن اصحابن جي اها راءِ هئي ته زڪوات کان انڪار ڪندڙن کي سندن پنهنجي حال تي ڇڏيو وڃي. انهن اڃا نئون نئون ايمان آندو آهي، جڏهن سندن ايمان مضبوط ٿيندا، تڏهن هو پنهنجي خوشيءَ سان پاڻمرادو زڪوات ڏيڻ لڳندا. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهاهو مشورو قبول نه ڪيو ۽ فرمايائون: ”خدا جو قسم جيڪڏهن ڪو ماڻهو نوڙي ڏيڻ کان به انڪار ڪندو، جيڪا هو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي زماني ۾ ڏيندو رهندو هو ته مان ان سان جنگ ڪندس. زڪوات ڇا آهي؟ مال جو حق (يعني عبادت) آهي. جيڪي ماڻهو نماز ۽ زڪوات ۾ فرق ڪندا، مان انهن کي قتل ڪندس.“

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهحق جي معاملي ۾ ڪيڏو نه سخت ۽ حساس هوَ پر اُهو به حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهڪي چوڻ لڳو ته ”اسان انهن ماڻهن سان ڪيئن جنگ ڪري ٿا سگهون، جڏهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو آهي ته: ”مون کي ان وقت ماڻهن سان لڙائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، جڏهن هو پنهنجي زبان سان ”لا اله الاالله محمد رسول الله“ نه چون. جيڪو ماڻهو زبان سان اهو ڪلمون ادا ڪندو، تنهن جي جان ۽ مال جي حفاظت مسلمانن جي ذمي رهندي.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهجي راءِ متاثر نه ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته سندن دليل هو ته جيستائين فرض جو تعلق آهي نماز ۽ زڪوات ۾ ڪوبه فرق ڪونهي ۽ قرآن پاڪ ۾ جڳهه جڳهه تي صلوات (نماز) ۽ زڪوات جو بيان ۽ حڪم گڏوگڏ آيو آهي ۽ قرآن حڪم ٿو ڏئي ته (مفهوم) ”بس! جيڪڏهن اُهي ماڻهو توبهه ڪن، نماز پڙهن ۽ زڪوات ادا ڪن ته توهان اُنهن کي ڪجهه نه چئو.“ علم ۽ آگاهي، ايمان ۽ اسلام انهي ڳالهه جي شهادت ڏين ٿا ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو فيصلو ڪيڏو نه صحيح هو ۽ سندس راءِ ڪيڏي نه پختي هئي، جنهن تي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهتعاليٰ عنه به پنهنجي راءِ بدلائي ڇڏي ۽ ايتري قدر اعتراف ڪيائين ته ”زڪوات جي منڪرن سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو سينو کولي ڇڏيو آهي. حقيقت به ائين آهي، جيڪڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو سينو ڪليل نه هجي ها ته ڪنهن جو هجي ها؟“

جن قبيلن زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو، تن پنهنجا جاسوس مديني ۾ ڇڏي ڏنا هئا، انهن جاسوسن پنهنجن قبيلن کي وڃي اطلاع ڏنو ته ”اسامه رضي الله تعاليٰ عنهسان گڏ اصحابن جو ڪافي تعداد مديني کان ٻاهر وڃي چڪو آهي ۽ باقي ٿورا اصحابي رهجي ويا آهن، تنهن ڪري مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ اهو سونهري موقعو آهي.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهبه حالتن جي نزاڪت کي بروقت محسوس ڪيو ۽ انهن رستن تي جيڪي مديني ڏانهن ايندا هئا، ڪن مشهور ۽ تجربيڪار اصحابن جي نظرداري هيٺ حفاظتي دستا مقرر فرمايا. نيٺ هڪڙو وقت اهڙو به آيو، جو اُهي قبيلا مديني تي شب خون هڻڻ جي لاءِ جدا جدا پاڳن ۾ ورهائجي ويا. انهيءَ موقعي تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهڏاڍي سياڻپ ۽ همت سان مسلمانن کي

پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ پنهنجي سر اٿ تي سوار ٿي قبائلين جي انهن ٽولن تي حملو ڪري، اهي ماڻهو تعداد ۾ تمام گهڻا هئا، پر اوچتي حملي جي ڪري ايڏا ته بدحواس ۽ پريشان ٿيا، جو انهن کي پڄڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نظر نه آيو.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهزڪوات جي منڪرن کان سواءِ نبوت جي ڪوڙي دعويدارن سان به جهاد ۽ قتال ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي اسلامي حڪومت جي هڪ هڪ فتني جي پاڙ پٽي ڇڏي. عراق جي فتح جي شروعات سندن ئي خلافت جي دور ۾ ٿي چڪي هئي ۽ ايرانين ۽ رومين جي حملن کان به پاڻ صاحبن ٻنجو ڏنو هو، جيڪو هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهحڪومت جي داخلي ۽ خارجي معاملن مان ڪيڏا نه واقف هئا ۽ ڪين انهن مسئلن ۾ ڪيڏي نه بصارت حاصل هئي!

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجي خلافت جي زماني ۾ حضرت خالد بن وليد رضي الله تعاليٰ عنهوڏي ۾ وڏي ايماني جرات سان گڏ جنگ جي فن ۾ تمام زبردست قابليت ۽ مهارت جو ثبوت ڏنو. هڪڙي پيري ائين ٿيو جو ڪنهن قبيلي جي سردار حضرت خالد رضي الله تعاليٰ عنهجي خلاف شڪايت ڪئي مديني پهتو. هن سڀ کان اڳ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهسان شڪايت ڪئي. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهڪيس پاڻ سان گڏ خلافت جي دربار ۾ وٺي آيو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهڪي چيائين ته: ”خالد رضي الله تعاليٰ عنهڪي سپهه سالاريءَ جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو.“ حضرت ابوبڪر رضي الله تعالي عنه جواب ۾ فرمايو:”اي عمر رضي الله تعاليٰ عنهائين ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي. مان هن ترار کي پلا ڪيئن مياڻ ۾ وجهان، جنهن کي الله تعاليٰ ڪافرن تي غالب ڪري ڇڏيو آهي.“

حضرت خالد رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجن دشمنن جي سردارن کي جيڪڏهن کو پيغام موڪليندو هو ته ان ۾ هيئن چوائي موڪليندو هو: ”هنن کي چئجو ته مان توهان وٽ هڪ اهڙي قوم کي وٺي ٿو اچان جيڪا موت جي ايتري ئي شيدائي آهي جيترو توهان زندگيءَ جا شيدائي آهيو.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي ذات پاڪ سان نه رڳو حد کان وڌيڪ محبت هئي، پر هڪ جنوني عشق هو ۽ انهيءَ نسبت ۽ تعلق جي آڌار تي پاڻ صاحبن کي اهلبيت سان به تمام گهڻي محبت هئي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وفات کي ڪي به ٿي ڏينهن ٿيا هئا، حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهتعاليٰ جن عصر جي نماز پڙهي، مسجد کان ٻاهر نڪري رهيا هئا ته ايتري ۾ حضرت حسن رضي الله تعاليٰ عنه پاڙي جي ٻارن سان گڏ ڪيڏندا نظر آيا. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ، حضرت حسن رضي الله تعاليٰ عنهڪي عزت ۽ محبت جي جوش وچان پنهنجن ڪلهن تي وٺي ڪنيو.

جڏهن عراق ۾ فوجون وڙهي رهيون هيون، تڏهن اُتان مال غنيمت ۾ هڪ عبا به آئي هئي، جا حضرت خالد رضي الله تعاليٰ عنه خليفي جي خدمت ۾ تحفي طور موڪلي هئي. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه اها عبا حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه تعاليٰ عنه ابن حضرت علي ڪرم الله وجهه کي ڏئي ڇڏي.

ڪافرن سان جيڪي لڙايون ٿيون تن ۾ قرآن جا حافظ به گهڻي انداز ۾ شهيد ٿيا، جنهن تي حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه قرآن کي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪيو ۽ ترتيب ڏني. اها هڪ وڏي زبردست سعادت هئي، جا حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي حصي ۾ آئي ۽ ان جي اجر ۽ ثواب جو اندازو

نٿو لڳائي سگهجي.

حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه بلڪل سچ فرمايو هو ته:
”قرآن ڪريم گڏ ڪرڻ جي سببان، هو (ابوبڪر) سڀني ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اجر جو مستحق آهي.“
هجرت جي وقت جڏهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي پاڪ سواري مديني پهتي، تڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهپنهنجي چادر جي ڇانءُ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مٿي مبارڪ جي مٿان ڪيو ٿي آيو. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جو راضپو حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کي هميشه حاصل رهيو. جنهن لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عنه عليه وآله وسلم جن فرمايو ته:

”جيڪڏهن مان (الله کان پوءِ) ڪنهن کي خليل (دوست) بڻايان ها ته ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کي ئي بنايان ها.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جن جيتوڻيڪ طبيعت جا تمام گهڻو نرم هئا پر دين جي معاملي ۾ ڪڏهن به نرمي نه ڪندا هئا. پاڻ صاحبن کي قرآن پاڪ سان بيحد محبت هئي ۽ جڏهن به قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا، تڏهن سندن اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا هئا. جاهليت جي زماني ۾ به حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنهخوش خلق، غريبن جا غمخوار ۽ پاڪباز انسان هئا. نه ڪڏهن شراب پيتائون، نه جوئا ڪيڏيائون ۽ نه وري ڪنهن بُت جي اڳيان مٿو ٽيڪيائون. اهڙي طرح اسلام آڻڻ کان پوءِ ته هيڪاري سچا سون ٿي پيا.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه تعاليٰ عنه جن غريبن جي دک درد جا هميشه ساٿي هئا ۽ ڪين پيسي ڏوکڙ جي مدد ڪندا رهندا هئا. سندن طبيعت ۾ اِنڪساري جي هيءَ حالت هئي جو جهنگ ۾ پنهنجون ٻڪريون پاڻ چاريندا هئا ۽ پاڙي وارن لاءِ سندن ٻڪرين جو ڪير ڏهندا هئا. رات جي اڪيلائيءَ ۾ نمازون پڙهندا هئا ۽ ڏينهن جو روزو رکندا هئا. انهيءَ خدا جي خوف ۽ پرهيزگاريءَ جي باوجود پنهنجن ٻارن ٻچن سان پيار ۽ محبت سان پيش ايندا هئا، دين ۽ دنيا جي وٽندڙ ميلاپ جو اهڙو مثال حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کان پوءِ ٻيو ڪٿي ملي سگهندو؟

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه حضور صلي الله عليه وآله وسلم سان گڏ سڀني لڙاين ۾ شامل رهيو ۽ پنهنجي بهاداريءَ ۽ جان نثاري جا پورا پورا ثبوت ڏنائين.
سن 9 هه ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم، حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ڪي ئي امير الحج بڻائي مڪي روانو ڪيو.

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه تعاليٰ عنه جي انهي قربانين رسول ڪريم صلي الله تي ايترو ته گهَرَو اثر ڪيو جو پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم چوندا هئا ته: ”جان ۽ مال جي لحاظ کان مون تي ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کان وڌيڪ ڪنهن جا احسان نه آهن.“

جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم مرض الموت ۾ گهمڻ ڦرڻ کان عاجز اچي ويا ته ان وقت پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم سڀ کان وڏو فيصلو يعني مسجد نبوي جي امامت جو شرف حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ڪي عطا ڪيو.

حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ڪجهه ٻيا صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنه جيڪي رسول الله

صلي الله عليه وآله وسلم جي تجهيز و تدفين ۾ مشغول هئا ۽ خلافت جي ان بيعت ۾ شريڪ نه ٿيا. حضرت علي ڪرم الله وجهه ان ڪان بعد به ڇهن مهينن تائين بعيت نه ڪئي. جڏهن حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنه جو انتقال ٿيو ته حضرت علي ڪرم الله وجهه، حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه ڪي پنهنجي گهر رهايو ۽ چيائين: ”توهان جي فضيلت ۽ استحقاق خلافت ڪان اسان ڪي انڪار نه آهي پر رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي رشتيدار هجڻ سبب اسان ان ڪي پنهنجو حق سمجهندا هئاسين.“

حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو: ”اي علي رضي الله تعاليٰ عنه! مون ڪي ان ذات جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي رشتيدارن سان سلوڪ مون ڪي پنهنجي رشتيدارن ڪان وڌيڪ عزيز آهي.“ ان ڪانپوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهه مسجد ۾ اچي سندس هٿ تي بعيت ڪئي.

حضرت علي ڪرم الله وجهه جي بعيت دير ڪرڻ جو ٻيو سبب هيءُ به هيو ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي انتقال ڪانپوءِ سندن صاحبزادي حضرت بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنهءِ حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنهتعاليٰ عنه حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي ملڪيت (فدڪ) مان پنهنجو حصو طلب ڪيو، پر حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهتعاليٰ عنه فرمايو ته: ”انبياءَ جي جائداد ۾ ميراث نه هلندي، مان خود رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ڪان ٻڌو آهي ته اسان نبين جي مال ۾ ميراث نه هوندي آهي، جو ڪجهه اسان ڇڏي وڃون ٿا اهو وقف ٿيندو آهي.“

حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنه،تعاليٰ عنه حضور صلي الله عليه وآله وسلم ڪان هيءَ حديث به ٻڌي هئي. آخر منافقن جي حرڪتن سبب آخر تائين حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه تعاليٰ عنه ڪان ناراض رهي. حضرت علي ڪرم الله وجهه ڪي ان جي دلداريءَ جو وڏو خيال هو. جيستائين حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنهتعاليٰ عنها زندهه رهي (ڇهن مهينن تائين) حضرت علي ڪرم الله وجهه بعيت ڪان گريز ڪندو رهيو.

بهرحال حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي جيتري تعريف ڪجي سا گهٽ آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته پنهنجي مال مان چاليهين پٽي زڪوات ڏيڻ بخيلن (ڪنجوسن) جي زڪوات آهي پر صديقن جي زڪوات سڄو مال خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ آهي.

هڪ لڳا حضرت بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنهفرمايو ته هڪ دفعي مان آسمان جي طرف نظر ڪئي ۽ ستارا گهاٽا هئا، مون پڇيو اي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم دنيا ۾ ڪو ئي اهڙو به هوندو جنهن جون نيڪون آسمان جي ستارن جي برابر هجن، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: ”ها“. مون پڇيو اهو ڪير آهي؟ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو عمر رضي الله تعاليٰ عنه بن خطاب آهي. چيائين آئون ته هي ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهلاءِ چاهيان پئي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته عمر رضي الله تعاليٰ عنه خود ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي نيڪين مان ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي نيڪين مان هڪ نيڪي آهي.

نُزهَتُه المجالس ۾ لکيل آهي ته حضرت علي ڪرم الله وجهه جو بيان آهي ته حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهجو خدا تعاليٰ بزبان جبرائيل عليه السلام ۽ بزبان محمد صلي الله عليه وآله وسلم ”صديق“ نالو رکيو آهي.

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه حضور نبي كريم صلي الله عليه وآله وسلم كان روايت كن ٿا ته ”منهنجي امت تي ابوبكر رضي الله تعاليٰ عنه سان محبت كرڻ واجب آهي.“

حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه تعاليٰ عنه حضور صلي الله عليه وآله وسلم كان روايت كن ٿا ته جڏهن اها رات آئي، جنهن ۾ ابوبكر پيدا ٿيو هيو ته تنهنجي رب جناتِ عدن تي تجلي فرمائي ۽ ارشاد فرمايو ته پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم تو ۾ ان کي داخل کندم جيکو ان ٻار سان محبت کندو.

تاريخ وقت 22 جماد الآخر سنه 13 هجري، مغرب ۽ عشاءَ جي وچ ۾،
63 سالن جي عمر ۾،

حوالا:
”تاريخ خلفاء“ علامه جلال الدين سيوطي
”مخزن اخلاق“ نور حيدر سومرو ”خادم الفقراءُ“

--The End--